ISLAMIC RELIEF

NORWEGIAN EMBASSY

# ٻج واري بينڪ

(تربيتي ۽ معلوماتي ڪتابچو)



ليکڪ


رياض علي سيال — ايگريڪلچر آفيسر

عرفان احمد وسترو — ايگريڪلچر آفيسر



پاران: اسلامڪ رليف پاڪستان

سهڪار: ناروي جيئن ايمبيسي

# فهرست



| س# | عنوان | ص# |
|---|---|---|
| 1. | ٻج واري بينڪ ڇا آهي؟ | |
| 2. | ٻج واري بينڪ جو ڪهڙو مقصد آهي؟ | |
| 3. | هي بينڪ ڪئين ڪم ڪندي؟ | |
| 4. | ٻج واري بينڪ جي اهميت | |
| 5. | بينڪ جي انتظامڪاري جو چارٽ | |
| 6. | ٻج واري بينڪ جو سرمايا ڪاري پلان ۽ جائزو | |
| 7. | ٻج کي ڪهڙي طريقي سان ذخيرو ڪري سگهجي ٿو؟ | |
| 8. | موسمي ڦيرو ۽ تصديق ٿيل جنسون | |
| 9. | ريڪارڊ ڪئين رکجي ۽ ضروري ڳالهيون | |
| 10. | مختلف ادارن سان رابطا ڪاري جي اهميت ۽ ضرورت | |
| 11. | اهم رابطي جا نمبر | |





# اداري پاران

## 1. ٻج واري بينڪ ڇا آهي؟

هي بينڪ هڪ منفرد بينڪ آهي جنهن ۾ پئسن جي بجاءِ مختلف فصلن جا تصديق ٿيل ٻج رکيل هوندا جنهن جي انتظامي ڪاروهنوار علائقي جا ڪجهه سماجي سرگرم ماڻهو هلائيندا جيڪي ڪجهه معمولي شرطن جي بنياد تي ننڍي آبادگار کي ٻج جي فراهمي سان گڏ انهي ٻج جي پوکڻ جي باري ۾ بنيادي ڄاڻ به فراهم ڪندا.





## 2. ٻج واري بينڪ جو ڪهڙو مقصد آهي؟

هن بينڪ جو بنيادي مقصد آهي ته موسم جي تبديلي جي صورت ۾ زرعي زمينن جي زرخيزي جي گهٽ ٿيڻ سبب لوڪل جنسون گهٽ پيداوار ڏين ٿيون ۽ جيتري قدر هائبرڊ جنسن جي ڳالهه آهي ته ان جي پيداوار لاءِ ٻج



ڪان وٺي لاڀاري تائين سيني ضروري ڪمن ڪارين لاءِ تمام گهٽ خرچن کي برداشت ڪرڻ سان گڏوگڏ زمين جي زرخيزي کي به هاڃو رسائين ٿيون انهي لاءِ ماحول ۽ زمين دوست تصديق ٿيل جنسن تائين عام هاري جي پهچ کي يقيني بنائڻ لاءِ ٻج واري بينڪ جو خيال ڏنو ويو آهي جئين آبادگار پائر پنهنجي علائقي ۾ ٿي گهٽ خرچن تي ٿيندڙ زرعي تصديق ٿيل جنسن جي پوکي ڪري سگهن ۽ موسمي تبديلي کان پوءِ متبادل پوکي راهي جا طريقا استعمال ڪري ملڪي خوراڪي کوٽ کي پورو ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن.

## 3. هي بينڪ ڪئين ڪم ڪندي؟

هر يونين ڪائونسل جي سطح تي ننڍين هارين جو تهيل فورم يا هاري ايسوسيشنون انهي بينڪ جون سموري انتظامڪاري هلائڻ جون ذميوار هونديون. هي بينڪ اڳواٽ موجود جنسن کي انهي شرط جي بنياد تي ٻين هارين کي فراهم ڪندي ته هو ونندڙ ٻج جي ٻيڻ (اڳواٽ طئي ٿيل مقدار) ڪري واپس ڪندو ته جيئن اڳئين سالن ۾ انهن جي پيداوار توڙي فائدو وٺندڙ هارين ۾ اضافو ٿي سگهي.








## 4. ٻج واري بينڪ جي اهميت

موسم جي تبديلين سبب ٻدين کي مسلسل هر ٻئي سال ڪنهن نہ ڪنهن آفت جو منهن ڏسڻو پوي ٿو جنهن جا نقصانن جو پورائو ڪيترن ئي سالن تائين ڪونہ پيو ڪري سگهجي. آفتن ۾ ماڻهن وٽ اناج جي ڪوٽ ٿيڻ جي ڪري هو رڪيل ٻج تي گذارو ڪندا آهن ۽ جڏهن زمين جي پوکڻ لاءِ ٻج جي ضرورت پوي ٿي تہ اهي مهانگي هائبرڊ جنسن لاءِ وياج واري قرض تي ياڻٽو پوي ٿو يا ڪنهن ناقص ٻج تي گذارو ڪن ٿا ۽ موٽ ۾ صرف انهي فصل تي ٿيل خرچن جو پورائو ٿئي اهو ئي ڪافي هوندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ هي ٻج واري بينڪ پنهجي طئي ڪيل طريقيڪار ۽ شرطن موجب انهن ٻي پهچ هارين جي چونڊ ڪري ٻج فراهم ڪندي ۽ انهي جي واپسي فصل لهڻ کان پوءِ ڪئي ويندي. ٻج واري بينڪ زرعي بنيادي اصولن جي بنياد تي ٻج جي چڪاس، سارسنڀال ۽ ذخيرو ڪرڻ وارن اصولن تي ڪم ڪندي پنهنجن هارين لاءِ ٻہ ساڳئي جاگرتا ۽ ڄاڻ فراهم ڪندي جنهن ۾ هي گورنمينٽ جي منسلڪ ادان سان رهنمائي پڻ حاصل ڪندا رهندا.



## 5. بينڪ جي انتظامڪاري جو چارٽ






## 6. ٻج واري بينڪ جو سرمايا ڪاري پلان ۽ جائزو

ٻج واري بينڪ. هر يونين ڪائونسل ۾ "موسمي تبديلين کي محسوس ڪندي مقامي آبادين جو پاڻ پرو ٿيڻ وارو منصوبو" تحت تقريبن 13 نمائشي پلاٽ لڳائيندي جنهن جو سمورو خرچ ايل ايڇ ڊي پي برداشت ڪندي ۽ موٽ ۾ صرف 5 مڻ واپس وٺندي جنهن جي بنياد تي "ٻج واري بينڪ" قيام ۾ ايندي ۽ اڳتي هلي انهي بينڪ مان ٻين هارين کي تصديق ٿيل ٻج جي فراهمي کي يقيني بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي.

## چئن سالن جو سرمايا ڪاري جائزو:

| سال | شروعات ۾ 13 نمائشي پلاٽ مان هر سال آخر ۾ ٿيل بچت (مڻ) | سال جي آخر ۾ ٽوٽل: ڪل فائدو وٺندڙ هاري | سال جي آخر ۾ ٽوٽل: ٽوٽل جمع ٿيل ٻج (مڻ) |
|---|---|---|---|
| پهريون سال | | 13 | 65 |
| ٻيو سال | 65 | 65 | 130 |
| ٽيون سال | 130 | 130 | 260 |
| چوٿون سال | 260 | 260 | 520 |

**نوٽ:**

1) ٻئي سال کانپوءِ فائدو وٺندڙ هاري ورتل ٻج جي ٻيڻ (اڳوات طئي ٿيل مقدار) واپس جمع ڪرائيندو
2) هر چوٿين سال جمع ٿيل ٻج کي وڪڻي وري ريسرچ واران کان نئون ٻج آڻيندا

## 7. ٻج کي ڪهڙي طريقي سان ذخيرو ڪري سگهجي ٿو؟

ٻج کي جديد ذخيرو ڪرڻ وارين اصولن ۽ مهارتن تحت متفقه طور تي منظور ڪيل جڳهه تي بنيادي ضرورتن مطابق رکيو ويندو. جنهن ۾ ٻج لاءِ گهربل گرمي پد، هوا، روشني جو خيال رکيو ويندو ۽ متوقع جيتن ۽ بيمارين جي اڳواٽ روڪ ٿام لاءِ ضروري قدم کنيا ويندا.

ٻج کي ذخيرو ڪرڻ لاءِ ڪوڙ طريقا استعمال ٿيندا آهن هتي هيٺ هڪ ڳوٺاڻي سطح تي ذخيرو ڪرڻ جو جامع طريقو ڏنل آهي جيڪو ڪارگر ثابت ٿيندو (اناج جي مقدار کي نظر ۾ رکي متبادل طريقا به استعمال ڪري سگهجن ٿا.)







## ٻورين ۾ ان کي ذخيرو ڪري رکڻ جو طريقو

اسان جي ملڪ ۾ اناج گڏ ڪرڻ ۽ ان جو بهتر طريقي سارسنڀال ڪري ذخيرو ڪري رکڻ هميشه کان هڪ وڏو مسئلو رهيو آهي جنهن ۾ هتي مختلف قسمن جي جيتن کان وٺي موسمي تبديلن، آفتن ۽ اناج کي ذخيرو ڪرڻ جي مختلف طريقن بابت اڻڄاڻائي به هڪ اهم مسئلو رهيو آهي ان کي نظر ۾ رکندي زرعي ماهر تحقيق ڪندڙ ادارا هميشه هن ڪوشش ۾ رڌل رهيا آهن ته اناج کي گڏ ڪرڻ ۽ ان کي مناسب طريقي سان ذخيرو ڪرڻ جو آسان ترين طريقو هجي جيئڻ هاري پنجهنجي ان جي سارسنڀال ڪري سگهجي. انهي جي لاءِ پاڪستان جي زرعي تحقيقي ڪائونسل ڪراچي جنس جي مختلف تحقيقن ۽ تجربن کان پوءِ ڏوٽي ڏيڻ جو طريقو واضح ڪيو آهي جيڪو هڪ ئي وقت 10 ٻورين تي مشتمل جنسن يا ٻج وغيره لاءِ ڪارگر هوندو آهي. هن طريقي ۾ ٻورين کي هڪ خاص ترتيب ۾ پوليٿين جي لفافي ۾ بند ڪرڻو آهي. جنهن لاءِ فاسفين گئس جي ڏوٽي موزون آهي ۽ اهڙي طرح ذخيرو ڪيل ان ٻاهر کان ايندڙ ڪيڙن، ڪوئن پکين جي نقصان کان بچي ويندو. ٻوريون به خاص ترتيب ۾ رکڻ سان جڳهه به تمام گهٽ گهيربي ۽ موجود خطرن کان به بچي سگهجي ٿو.

هن محفوظ طريقي سان 10 ٻوريون (هڪ ٽن) جنس رکڻ جي لاءِ هيٺئين شين جي ضرورت پوندي

| شيون | تفصيل |
|---|---|
| 1. پوليٿين يا پلاسٽڪ جي چادر | 10 فٽ ڊگهائي، 8 فٽ ويڪرائي |
| 2. چادر | ٻن تهن واري شفاف چادر 2 ملي ميٽر ٿلهي |
| 3. ڪاٺ جا هموار تختا | 3 عدد، هر تختو 3 فٽ ڊگهو 8 انچ ويڪرو 1 انچ ٿلهو |
| 4. سرون | 22 عدد |
| 5. فاسفين گيس جون گوريون | 2 عدد |
| 6. ترپال (تالپتري) | 1 عدد |

جيڪڏهن احتياط سان استعمال ڪيو وڃي ته 2 ملي ميٽر ٿلهي تهه واري پوليٿين چادر کي ٻن سالن تائين استعمال ڪري سگهجي ٿو.



## ٻورين جي ترتيب وارو طريقو:


شڪل نمبر 1


شڪل نمبر 2


شڪل نمبر 3


شڪل نمبر 4


شڪل نمبر 5

1) سڀ کان پهرين 18 سرن کي شڪل نمبر 1 جي مطابق ملايو. سرن کي ترتيب ڏيڻ بعد ڪاٺ جا تختا اهڙي طرح رکو جو اُهي ڪجهه ٻاهر نڪتل هجن اهڙي طرح ڪوئن کي مٿي چڙهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي. ٽن سرن کي مٿي رکڻ جو مقصد ئي اهو آهي ته ڪوئن جي پهچ ۽ ان زمين جي آلاڻ ۽ پاڻي کان محفوظ رهي سگهي. جئين شڪل نمبر 2 ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

2) پوليٿين جي چادر کي شڪل نمبر 3 جي مطابق لڳايو جئين آساني سان کولي سگهجي.

3) ٻورين رکڻ کان پوءِ پلاسٽڪ کي ٻورين جي مٿان موڙجي جئين شڪل نمبر 4 ۾ ڏيکاريل آهي.

4) پلاسٽڪ جي چادر کي ٻورين جي هيٺ ڏيئي ڇڏجي ۽ ٻورين کي ڪاٺ جي تختين جي رخ ۾ رکڻ گهرجي. جيئن تختا ڪرڻ کان محفوظ رهن.



5) باقي ٻوريون شڪل نمبر 6 ۾ ڏيکاريل ترتيب مطابق لڳائڻ گھرجن ٻوريون لڳائيندي پلاسٽڪ جي چادر کي مٿي ڪندو وڃجي ۽ سڀ ٻوريون رکڻ کان پوءِ فاسفين جون گوريون وجهي مٿان پلاسٽڪ جي چادر ويڙهي سرون رکي ڇڏجن


شڪل نمبر 6


شڪل نمبر 7

6) جئين گئس ٻاهر ضايع نہ ٿئي. جئين شڪل نمبر 7 ۾ ڏيکاريل آهي. مٿي بيان ڪيل طريقي ۾ اَن گھر، جيتن، جيوڙن ، ڪوئن ۽ ڦڦوندي لڳڻ کان بچي سگھي.

## احتياطي تدبيرون

1) ان گڏ ڪرڻ کان پهرين اَن کي سڪائجي.
2) ٻورين کي پوليٿين چادر ۾ رکڻ وقت هر عمل ۾ احتياط سان رکڻ گھرجي ڇوتہ جيڪڏهن ڪٿان کان ڪو سوراخ يا چادر ڦاٽي ويئي تہ گئس خارج ٿي ويندي
3) ان کي اُن جڳهہ تي رکجي جتي ست اٺ ڏينهن تائين ڪير سمهندو نہ هجي ڇوتہ گئس جي نڪرڻ سان ڪو نقصان ٿي سگھي ٿو.
4) معمولي گئس جي خارج ٿيڻ جي ڪري تيز بدبوءِ محسوس ٿيندي، ان صورت ۾ ڪمري جا دروازا ۽ دريون کولي ڇڏجن. هڪ ٻہ ڏينهن تائين ڪمري ۾ نہ وڃجي. ان دوران مڪمل طرح گئس خارج ٿي ويندي
5) ان کي ٻارن، ڪڪڙن ۽ جانورن کان بچائجي تہ جئين اهي ان کي ڦاڙي نہ سگھن.

## فائدا

1) هن طريقي سان جيتن ڪيڙن جو حملو ڪونہ ٿيندو ۽ گڏ ڪيل ان محفوظ رهندو
2) ٻورين کي هن ترتيب ۾ رکڻ سان جڳهہ گھٽ والاري ۽ اَن ڪوئن کان بہ محفوظ رهندو



3) فاسفين گئس جو اثر 10 کان 15 ڏينهن تائين هوندو آهي انهي لاءِ ان کي کولڻ نہ گهرجي.
4) پلاسٽڪ جي چادر ۾ بند هجڻ سبب برسات جي پاڻي ۽ سيلاب کان بہ محفوظ رهندو
5) ٻج جي خاصيت بهتر رهندي ۽ اڳيئين سال لاءِ ڪتب آڻي سگهجي ٿو

## نوٽ

- ياد رهي تہ هي طريقو 100 ڪلو ڳوڻ (سوٽلي) واري ٻورين جي لاءِ تمام اهم آهي.
- جيڪڏهن ان 50 ڪلو واري پروپلين جي ٻورين ۾ هجي تہ اهڙي صورت ۾ ڪو تسلي بخش نتيجو حاصل ڪرڻ ڏيندو آهي.

## 8. موسمي ڦيرو ۽ تصديق ٿيل جنسون:

موسمياتي تبديلي جا بدين ۽ ٺٽي ضلعي تي هاڃيڪار اثر پيا آهن جن جي ڄاڻ گڏريل ٻن ڏهاڪن جي معاشي ۽ سماجي جائزي مان خبر پوي ٿي تہ بدين ۽ ٺٽي ضلعي جي علائقن ۾ آفتن جو مسلسل اچڻ بہ انهي ڪڙي جو حصو آهن. انهي کان علاوه سمنڊ جي اڳتي اچي زرعي زمين کي ڪاچ ٻڻائڻ، جر جو پاڻي جو مٺانهون ٿيڻ ، زمينن جو ڪلراٺو ۽ پيداواري صلاحيتن جو گهٽ ٿيڻ پاڻي جو ڪوٽ، ٻيلن جي واڍي ڪجهہ اهڙا محرڪات آهن جن جو سبب سڌوسنئون موسم جي تبديلي آهي اهوئي سبب آهي تہ آبادگارهن مهنگائي واري دور ۾ هائبرڊ جنسن جو خرچ برداشت ڪرڻ جي سگهہ نٿا رکي سگهن. ۽ هائبرڊ جنسن جي مارڪيٽ ۾ اچڻ ۽ مسلسل آفتن جي زد ۾ اچڻ جي ڪري ماڻهن وٽ اڳئي موجود لوڪل جنسون بہ موجود نہ رهيون آهن. انهي مڙني مسئلن جي پيش نظر زراعت تي ريسرچ ڪندڙ ادارن جهڙوڪ نيوڪليئر انسٽيٽيوٽ آف ايگريڪلچر، رائس ريسرچ اسٽيشن سڪرنڊ ۽ ڏوڪري جون تصديق ٿيل جنسون جي گهرج وڌي ٿي وڃي چوتہ اهي ساموندي پٽي واري آبهوا توڙي گهٽ خرچ تي وڌيڪ پيداوار ڏيڻ جي ڀرپور صلاحيت رکندڙ آهن ۽ ماهرن موسمي تبديلي جي اثرن کي نظر ۾ رکي نئين جنسن ۾ قوت برداشت ۽ سگهہ وڌائڻ ۾ پيش عمل آهن ۽ اهڙيون ڪوڙ جنسون متعارف ڪرايون آهن جيڪي ٿورڙي خرچ تي وڌيڪ پيداوار ڏين ٿيون.



## ٩ . ريڪارڊ ڪئين رکجي ۽ ضروري ڳالهيون:

ٻج واري بينڪ جو ريڪارڊ رکڻ لاءِ هر هڪ ڪم لاءِ اڳواٽ تيار ڪيل پروفارمہ آهن جن جي مدد سان تنظيمي توري بينڪ جي ڪم ڪارين جو جائزو ۽ آڊٽ وغيره ڪرڻ ۾ بہ آساني ٿيندي ۽ هر آبادگار بہ انهي سموري مرحلن کي شفاف سمجهندو ۽ طئي ڪيل قانون جي پاسداري ڪندا. هيٺ ڪجهہ تنظيمي توڙي بينڪ جي لاءِ گهربل ريڪارڊ جي لسٽ ڏجي ٿي جيڪي سموري ڪم کي آسان ڪرڻ ۾ مدد فرام ڪندا.

| تنظيمي ريڪارڊ لاءِ گهربل فارم | بينڪ جي مالياتي ريڪارڊ لاءِ گهربل فارم |
|---|---|
| ❖ ڪارروائي رجسٽر | ❖ ميمبرشپ فيس رجسٽر |
| ❖ وزٽ رجسٽر | ❖ ڪيش بوڪ |
| ❖ آمد ۽ روانگي رجسٽر | ❖ ليجر |
| ❖ سرگرمين جو رجسٽر | ❖ اسٽاڪ رجسٽر |
| ❖ ليٽر فائل (آمد ۽ روانگي فائل) | ❖ ووچر فائل |
| ❖ ميمبرشپ فارم فائل | ❖ رسيد بوڪ |
| ❖ ليٽر پيڊ | ❖ پگهار جو فائل |
| ❖ رسيد بوڪ | |
| ❖ پريس ڪٽنگ فائل | |
| ❖ رپورٽ فائل | |

نوٽ: بينڪ جي بهتر هلڻ ڪانپوءِ ميمبرشپ فيس يا ڪجهہ اسٽاف بہ رکي سگهي ٿي.

## 10 . مختلف ادارن سان رابطا ڪاري جي اهميت ۽ ضرورت

گورنمينٽ سهولتن جي رسائي ڪي ماڻهن تائين بهتر طريقي سان پهچائڻ لاءِ مختلف ادارن کي ضلعي توڙي لوڪل سطح تي ٺاهيو آهي جيئن اتان جي ماڻهن کي پنهنجي زرعي مسئلن جي حل لاءِ پريشان نہ ٿيڻو پوي ۽ اهي ادارا بہ انهي سهولتن کي ماڻهن تائين پهچائڻ جا پابند آهن ۽ انهن سان



رابطاڪاري جي هجڻ سان اهي نئين تحقيق، جديد پوکي راهي، بيمارين جو اڳواٽ حل ۽ بهتر رٿابندي جي طريقن ۽ اصولن سان باخبر رهي پنهنجي ڄاڻ توڙي پنهنجي فصل جي پيداواري صلاحيتن کي وڌائڻ ۾ مدد ملندي.

